# سنڌ آرڊيننس نمبر XXIV مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XXIV OF 1984

## سنڌ گهوڙن جي ڊوڙ تي شرط مٿان ٽيڪس (منسوخي) آرڊيننس، 1984

## THE SINDH HORSE RACE BETTING (REPEAL) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ IV جي منسوخي

Repeal of West Pakistan Act IV of 1958

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXIV مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XXIV OF 1984

# سنڌ گهوڙن جي ڊوڙ تي شرط مٿان ٽيڪس (منسوخي) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH HORSE RACE BETTING (REPEAL) ORDINANCE, 1984

[30 سيپٽمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ گهوڙن جي ڊوڙ تي شرط مٿان ٽيڪس ايڪٽ، 1958 کي منسوخ ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ شرعي عدالت صوبائي حڪومت کي سنڌ گهوڙن جي ڊوڙ تي شرط مٿان ٽيڪس ايڪٽ، 1958 تي نظرثاني ڪري، گهوڙن جي ڊوڙ تي شرط مٿان مڪمل پابندي مڙهڻ جي تجويز ڏني آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ گهوڙن جي ڊوڙ تي شرط مٿان ٽيڪس ايڪٽ، 1958 کي منسوخ ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ گهوڙن جي ڊوڙ تي شرط مٿان ٽيڪس (منسوخي) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

commencement

1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ IV جي منسوخي

Repeal of West Pakistan Act IV of 1958

2. سنڌ گھوڙن جي ڊوڙ تي شرط مٿان ٽيڪس ايڪٽ، 1958 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**